سا س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# مهدي سائينءَ جون ڪافيون

ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر

(ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

www.sascitysukkur.com www.ebooks.sascitysukkur.com

# ٻه لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽِي ويب پبلشر طرفان اوهان جي لاءِ، سنڌ جي صوفي بزرگ، مهدي سائينءَ جون ڪافيون پيش ڪري رهيا آهيون.

ادارو سائين شاهنواز سومري صاحب جن جو ٿورائتو آهي، جن مهرباني ڪري هن ڪتاب کي ڪمپوز ڪري، پبلش ڪرڻ جي لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽِيءَ ڏانهن موڪليو.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، ڇا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻڻ لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني

اوهان جي مشوري جو منتظر

عبداللطيف انصاري

شمس آباد سکر سنڌ

فون : 0333.7146119

اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com



بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

ڪافي ١ ( راڳ ڪوشڪ ڏني )

اڏيان اوتارو نہ آھ آشيان- مظهر منهنجو مئخانہ.

اصل آشيانہ اِهو منهنجو آهي- جتي نالو پيو ڪو ناهي-
نيارو آهيان نيشان-
راز رنگيلي آهيان رنگ ۾- عشق عجائب اصلي انگ ۾-
شاهي متي شاهيان-
قائم قرب ڪُلي تي قائم- دم دم درسن دم آھ دائم-
فرمودي فرقان-
سير صفاتي آيس سانگي- لاحد واري لنگهي لانگهي-
'مهدي' تي مهمان-

## ڪافي ٢

اونڌي ڪنڌ اداسي- اِسم ٿا اورين.

پايو منهن مونن ۾- سمرٿيون سورين.

عدل ۽ انصاف جا - ويٺا تِرَ تورين.

رندن واري راھ ۾ - گهوريو سر گهورين.

اندر ٻاهر هڪڙو- ٻيو نہ ڇپ ڇورين.

’مهديءَ‘ جي ميلاپ لئي - ويٺا ڏک ڏورين.

## ڪافي ٣

آءٌ قرباني ٿيان تن- جامو پهرايو جن،
موهي من مستان ڪيو- مرڪي محبوبن.

مڃري پيش وازي- ڪيون روح راضي،
برهه بيرنگ بازي- چيريون ٿيون چمڪن.

نورا ننگي دار- گھنگھرو ڪن گھڻڪار،
پاهين پيڙيدار- بازون بند بدن.

مُنديون مَندِ هٿن- خوشيءَ مان سي ڪٽن،
ڪنگڻ جون قطارون- پانهن منجهه ٺهن.

’مهدي‘ ساڻ ملن- ڪليو سي خوش ٿين،
باهيون ٿيون پڙڪن- اڱڻ محب اچن.

# ڪافي ۴

اللہ آهہ پرواهہ ناهي ، قالو بلا ڏس قول ڪي ڪاهي-

انحد عشق الـث اشارو- لاحد وارو لاهہ بہ آهي.

صحي سچاڻج سُخن انهيءَ ڪي- بيرنگ برهہ بقاءُ بہ آهہ

طالب توڪل پڌ توحيد ترهو- وحدت ريءَ پي واهہ بہ ناهي

ظاهر زيب زماني ’مهدي‘- قائم قرب ڪلاهہ بہ آهي

## ڪافي ٥

آهيان عبديت جي اولي- ڳجهي ڳالهه لڌم ڳجهه ڳولي-

احديت آ اقرار اسانجو- قالو بلا واري قولي-

پاڻ سڃاتم پاڻ ڪي ڄاتم- ٻولڻ وارو تو ٻولي-

صحي سڃاتم ثابت سُر ڪي- ٻَوَ ٻيجي سڀ ٻولي-

مظهر ۾ اٿم نالو ’مهدي‘- خيال ڏٺم خود ڪولي.

## ڪافي ٦

انهيءَ منهنجي ڳالهه سچيءَ تي- اوهان ڪيو ويساه-

اندر ٻاهر باطن ظاهر- آهي پاڻ الله.

جيڏهون ڪيڏهون آهي اُهوئي- قول ڪلام الله.

الله طالب فقير جو آهي- سُرَ مون پيم سماءُ.

مولا جا طالب مور نہ مڙندا- تن کي ڪير ڪري گمراه.

مظهر ۾ آهي ’مهدي‘ ماهر- حيدرِ ڪرارُ همراه.

## ڪافي ۷

اهي آڏوتي الف پڙهن، عاشقن ٻارڻ ٻاريو،
وهم واهه جوڳي ناٿ جلن.

چرِ چيراتي چيري ڪايا، اُلا چيبون برهه بچايا،
اُهي معشوقن جا ماريا، منزل مرد رسن.

اَ[illegible] عشق نارالله لاتئون لالي- مچ محبت جو نوبت شاهي،
آٽن چاڙهن پاڻ سپاهي- ٻيا سي ورق وسارن.

’مهدي‘ اُنهن گهر آيو، خوديءَ کي جن پاڻ جلايو،
پرينءَ تن کي پاڻ پسايو، اُهي آڙهه منجهه اچن.

## ڪافي ٨

نقل کي وجي نام نفي ڪيو، اصل ٿيو اثبات.

قلبي قرب قرارو قائم- وحدت وائي وات.

سِريءَ سير سجاتم سارو- مورت جي محلات.

روحيءَ ۾ آهي رهبر رايو- ڏسڻ واري ذات.

خفيءَ ۾ آه خيال خماري- ڪسڻ واري ڪات.

اخفا جو آهي اُلٽ اشارو- انحد واري اوقات.

ظاهر باطن هادي ’مهدي‘ - مولا واري مصلات.

## ڪافي ٩

بني هاشمي نُور نِرمَلُ نرالي-
ڏيونِ اُٽ قطاران بيشڪ بخشڻ والي.

پنجان وچ جو پڌرا علي مرتضٰى هي،
خيبر هڪ هڪل نال اُٿايائين اڪيلي.

حَسَن دي زهر دا، آکيان ڪيا قَهَر دا،
حُسينڻ حيدر دا، ڪُٺا ڪَلهه قبيلي.

عابد دي بيماري، عاشق دي اظهاري،
هٿين اُٺ مهاري، سنبريا سفر سويلي.

حقي حق چاڻين، پارهان ڪون سڃاڻين،
مئي جي موج ماڻين، ’مهديءَ‘ واري ميلي.

## ڪافي ١٠

بيقراري قرار برهه  بهادر لائي بهاري-

اَڻ ڏِٺي جي ڪر اثباتي- ڏٺا سڀ وسار.

همه اُوست حال ڍڪايو ڍولڻ- مٿئون مينگهه ملهار.

دم ڪان سواءِ دم آ خالي- لهه دم جي سُرِتِ سنيار.

ڏَپُ ۽ ڏاوَ ڇڏيائين سڀ ڏاهي- ’مهدي‘ ٿيو مهدار.

## ڪافي ١١

پڌل آهيان پول پول ، پنهنجي محبوب سان.

ڪالهه ڪالهوڻي ويڙهل وچ ۾- ڪري آيس قول قول،
محبت وارا ميل ميل.

مُکُ ميزان جي منصف وچ ۾- تُريل آهيان تول تول.
-----------------------------
ساعت توريءَ ڪانهُ سري تي- وتي وجهان ڪيئن ويل ويل.
-----------------------------
موج مدامي ’مهديءَ‘ ميلي- گهڙيءَ گهڙيءَ تيان گهول گهول.
-----------------------------

## ڪافي ١٢

تنهنجي نام بنا پيو نہ نام وٺي-
تنهنجي محبت ۾ آهن مٺاڻ مٺي.

تنهنجي من ۾ محبت آهي مِٺَل-
تنهنجي قربن جا آهن ڪيئي ڪُٺَل.

تنهنجي ماٺن جا آهن ڪيئي مُٺَل-
آءُ ٿيل خريد آهيان ڳڌل ڳٺي.

تنهنجي من ۾ محبت آهي مدا-
تنهنجي سِڪڙي سيني ۾ آهي سدا.

ڪڏهن ڪين ٿيندس توکئون يار جدا-
تنهنجي پيل پُڪي آهيان قرب ڪٺي.

تون ’مهدي‘ آهين مهدار مِٺا-
توکئون دم نہ ٿيان هڪ ڏار مِٺا.

توکئون وٺي نہ وڃهان وڃئون وار مٺا-
توريءَ سڌڙا سڪايلَ جا ڪير سٺي.

## ڪافي ١٣

پاڻ وڃائي پاڻ تي آيس- پنهن جو آهيان پاڻ.

ڪير آهين ڪنهن ڪي تو ڳولين- سڀ ڪجھ توسان ساڻ.

منصور واري مام تي محڪم- ڪوهه ڪيئون ڪنهنجي ڪاڻ.

اِهو انصاف عشق جو آهي- چؤَ طرف چانداڻ.

مظهر ۾ تي آيس 'مهدي'- هر سان هِڪ هِڪاڻ.

## ڪافي ١۴

پيالو پيتل هجي، گهوڙو ڪونتل هجي-
حسن هوٿل هجي، اُتي ڪيچل نہ هجي.

سڀ هجن سالڪ سراسر، پرت جي پيمان ۾-
پرين پل پل بہ هجي، وائي وصل نہ هجي.

پٽ پٽيهر ڪيمخاب، بوسڪيون بيشمار-
ڪٿو ڪٿل بہ هجي، اُتي ململ نہ هجي.

سڀ هجن صوبا سدا، صاحب سلامت سربسر-
خنجر قاتل بہ هجي، اُتي جهل جهل نہ هجي.

پوءِ ٿين پڌرا پَتا، عشق جي انصاف جا-
’مهدي‘ محفل بہ هجي، اُتي اٽڪل نہ هجي.

## ڪافي ١٥

پُر پيالو پريئن پياريو- پيئڻ سان پروان.

ڪوثر ڪيفُ ڪلالي قائم- سورهه سر سلطان.

ڏنئون جام جلالي جَنگي- مانجهي پي آيا ميدان.

سيني سير سجاتم سارو- ’مهدي‘ جي ميخان.

## ڪافي ١٦

پَٽَ پرت جا پياريَوَ- نشا نينهن جا چڙهيا،
ثِابت سجود سر ڪي- نہ آر پي اڙيا.

شوق جا شيشا شرابي- بره پياريا بيحجابي،
نانگا پي ٿيا نايابي- لاحد ڏي لڙيا.

ڪيفي ڪيف ڪلالِ تي- جذب جوش جلال تي،
وحدتي وصال تي- اُهي مانجهي ڪونہ مڙيا.

ڪيفي ڪُوزا قهر جا- ظاهر پياريَوَ زهر جا،
لاحد واري لهر جا- قابو قرب ۾ ڪڙيا.

ڏني ساقيءَ سرڪ سوائي- عطا ٿيو عشق الاهي،
مولا 'مهديءَ' سان ملائين- مَئي موج ۾ مڙهيا.

## ڪافي ١٧

پنهنجي پاڪ پسيم پيشاني- ويا شڪ شبهہ شيطاني.

هئڻ حجاب هليو ويو هڪدم- نور رهيو نوراني.

رنگ چڙهي بيرنگ رهياسي- لاحد ۾ لاثاني.

ساهہ صدق سر گهورڻ گهوريان- ’مهديءَ‘ اڳيان مهماني.

## ڪافي ١٨

پنهن جو پاڻ سڃاڻين، حق ڇاڻين-
تون سارو سبحان آ، پيو نہ گمان آ.

اَلِ انسان سري وانا ان سرهو- اِن تي اعتبار آڻين-

وفي اَنِ فُسڪم واري فرمودي- رمز رهبر جي رهاڻين-

حال همہ ۾ هجان هردم- پي سپ ڪوڙ ڪهاڻين-

حال حلاجي حڪم هلائي- موج 'مهديءَ' جي ماڻين-

## ڪافي ١٩

جيڪي آهي هِتِ ۽ هُتِ چا هوندو،
هِتان ڪٽي اڳتي الائي چا هلندو.

هِتِ هُتِ الله، ٻي ڪانهي ڪا واهه-
صبر جهڙي صلاح، انهيءَ راهه رسندو.

جن ڏٺو هِتِ، تن کي جِتِ ڪِٿِ-
وچئون ناهي وِٿِ، هڪو هڪ هوندو.

هتئون جو حال، ڪر نہ ڪنهن کي سوال-
اٿڪل ساڻ الله، ڪڏهن ڪين ملندو.

’مهدي‘ منهنجو امام، سجدو جنهن کي سلام-
گڏيائون هيءُ غلام، وٽيون نال ويندو.

## ڪافي ٢٠

جاني جانب يارَ دل کي دام وڌا تو.

مونکي ڪين وسارج مولا- سگهڙي لهج سنيار.

راتيو ڏينهان روح اندر مِ- طلب اوهان جي تار.

آءُ اگڻ تي منهنجي- سائينءَ ’مهدي‘ تي مهدار.

## ڪافي ٢١

جيڏو شاهِ مردان جو شان ڏٺم-
ايڏو ٻئي نہ ڪنهن جو مان ڏٺم.

هيڪل هردم ڪري هسواري- چئوڪندين چؤَ طرف چوڏاري،
نالو سندس آ نر نرواري- ضعيفن جو زمان ڏٺم.

عاشقن ۾ عاشق اعليٰ- بسير بيخود بيشڪ باليٰ
ڪٿي مظهر ڪٿي مولا- هر جاءِ سندس آشيان ڏٺم.

پنجن پارهن ۾ آهي پڌرو- چئن چوڏهن ۾ آهي چهرو،
چونہ ڳايان مان سندسِ سهرو- صوبن ۾ سلطان ڏٺم.

احد احمد انور،مهدي، محمد منور- ثابِت سراسر سرور،
ساقي علي سبحان ڏٺم.

## ڪافي ٢٢

چو تو پاڻ لڪائين ، چڏ عاشقن سان اٽڪل-
اٿئي طالبن جي توڪل.

اندر ويٺو آهين،ڪيئن چوان تہ ناهين ،
دم دم حڪم هلائين، واهہ وٺيا تنهنجا ول چل.

عاشقن اندر ۾، ثابت ڪيئي سِرَ ۾،
ظاهر زير نہ زبر ۾، ٿئي راض سان رلمل.

ڪُلَ تي آهين قادر، ظالمن تي زابر،
صابرن تي صابر، جهٽ پٽ ڍڪين ٿو جهل جهل.

اچي ڪيئي اظهاري ، بيرنگ بيک بهاري ،
مولا 'مهديءَ' جي مهداري ، ڀڳا يَوَ مژوئي پل پل.

## ڪافي ٢٣

ڇڏ ٽڳيءَ جا ٽاهه – آهين تون پاڻ الله.

ذات صفات سموري تنهنجي– رکُ نوري نظر نگاهه.

ميم جو مولهيو اَٽي مٽي تي– قائم قربُ ڪلاهه.

لا اله واري ڪري اثباتي– ويسهُ وجهه الله.

وچ درياه وحدت جي– ’مهدي‘ ٿيو آ ملاح.

## ڪافي ٢۴

حال حسيني حاضر ناظر، حيدر جي همراهي، بي پرواهي-

دم دم ديد دروني درسن- چشمن جي ته چٽائي، صاف صفائي.

مانجهي مرد ميدان ۾ مرڪي- سورهه آيا سپاهي، اها آهي ادائي.

در دربان عليءَ جي دائم- رهبر راز رسائُيي، تورو لائيي.

اهي پلايون عشق جون پايان- 'مهديءَ' ساڻ ملائيي، توڙ رسائيي.

## ڪافي ٢٥

دم ريڏا وتئون دم دم سان- ڪار ناهيون ٻئي ڪم سان.

نانگا نيارا آهيون نُوري- جوڙ ناهيون جم جم سان.

عشق اَمُرَ جا عاشق آهيون- صورت واري ٿم ٿم سان.

معرفت آهي ماڳ اسان جو- حقيقي هم هم سان.

’مهديءَ‘ واري مام تي محڪم- گڏيل ناهيون غم غم سان.

## ڪافي ٢٦

ديد دروني پايون، پيونہ پايون ،
جيڪي لکيل قرآن ۾، جملي جهان ۾.

فڏڪروني اذڪرڪم ڪي، سيني منجهہ سمايون.

وفي اَنِ فُسڪم واري فرمودي، ڳيت الحَقُ الايون.

تار توحيدي هر جاءِ حق حق- ڳلي ڳليءَ ۾ ڳايون.

موج 'مهديءَ' جي محڪم ماهر- ناتو نينهن نباهيون.

## ڪافي ٢٧

ڏِس اُهو جيڪو توکي ڏِسي ٿو-
بيا ڏِسڻ ڪهڙا ڏِسندين ڏسندين.

ڪول گهونگهٽ کي تي پئہ غازي ،
پرواني جيئن پچندين پچندين.

سِر تريءَ تي اڏيءَ جي آڏو ،
ڪات خنجر سان ڪسندين ڪسندين.

پُرجهي پيهي پس تون پاڻ ۾،
رمز انهيءَ سان رسندين رسندين.

موج ’مهديءَ‘ جي ڏس تون ماڻين ،
وحدت سان جڏهن وسندين وسندين.

## ڪافي ٢٨

راءِ آيو پنهنجي رعيت ۾، ڪري راڄن ساڻ رهاڻيون.

صدقي صدقي يار سڄڻ تان، مال مڏيون مهمانيون.

ڪونسل ڪورٽ قرب ڪمائي- هر سان هڪ هڪاڻيون.

ظاهر باطن هادي 'مهدي' – موج مدامي ماڻيون.

## ڪافي ٢٩

سڏو پنڌ صورت جو- پيون واٽون ڪل وَر-
ڏورين چو ڏونگر.

مال مڏيون محبوب تان- گهوري گهائج گهر-

لاهي ڏيج لڱن تان- ماس هڏن جو ڳُرُ-

لاهي لاڳاپا لوڪ جا- صدقي ڪجانءِ سِرُ-

زهد عبادت زاريون- ڪرين جو هر هر-

محڪم رهہ انهيءَ موج ۾- 'مهديءَ' سان ماهر.

## ڪافي ٣٠

سِر جو سانگو لاهہ پلي پوءِ عشق ڪي هٿڙو لاءِ.

اول لاهج سر جو سانگو- گوڙ گلا جو پائج گانگھو،
ڪڏي ڪڏي ڪنڌ ڪپاءِ-------------
منصور مرڻ کان مور نہ مڙيو- سِرُ سوليءَ تي ساجهر چڙهيو،
ان الحق الاءِ پلي -------------------
ڪار قتل کان ڪنڌ نہ ڪيدائج- ڪربل وارو قرب ڪمائج،
اُتي اک اٿڪاءِ -------------------
چڏي غلامي تي تون غازي- رمز رنديءَ ۾ رهہ تون راضي،
’مهدي‘ مَن مِلاءِ -------------------

## ڪافي ٣١

ساقيءَ سارو سُر سمجهايو- گيت ان الحق ڳائڻ جو.

دم دم درسن ڪر ويئو دم جو- چشمن چوٽ چلائڻ جو.

هڪدم حال حلاج هلائي- سوريءَ سِرُ سلائڻ جو.

منصوري معراج ماڻائي- اناالحق الائڻ جو.

عشق اچڻ سان حڪم هلايو- 'مهديءَ' جي ملائڻ جو.

## ڪافي ٣٢

سوگھو ساھہ ٿي ويو منھن جو توسان صنم،
مونکان نٿو وسري تنھن جو اسم جسم.

لکيو لوھہ قلم ۾ لکجي ويو- اِھو انگ الستي رکجي ويو،
آھي سر تہ اوھانجي جو يار قسم-
پيوند پيچ پريت جو پئجي ويو- قابو قرب ڪڙيءَ ۾ ڪڙجي ويو،
چونہ لاھي لڱن تان ڏيانئہ لحم-
صنم ساھہ سدا توکي ساري تو- گھڙي دم نہ يار وساري تو،
مونکئون وسري ويو آ پيو ڪلئي وَھَمُ-
اِھا موج مدامي ماڻين تون- وري طرف نہ ٻئي ڪنھن تاڻين تون،
اِنھيءَ مامَ 'مھديءَ' واري ھُجُ محڪم-

## ڪافي ٣٣

سيئي پڳيون سي حدون- ڪاهي پيا آهيون قصور ۾.

انهيءَ قصور ۾ پيا آهيون ڪاهي- جو قصور منصور مارائي،
اجا بہ سورن جون سڏون- هر دم آهيون حضور ۾.

ڪٿي عاشق آهيون عذابي- ڪٿي صوفي صاف ثوابي،
ڪٿي برابر بدون- آهيون نسوري نُور ۾.

حد لاحد کان لنگهي اڳاهون- بيا وري ڪهڙا پنڌ پڇايون،
صورت واريون سِڏون- گهايل آهيون (انهيءَ) گهور ۾.

ڪٿي احمد ڪٿي احدي- ڪٿي مُحمد ڪٿي ’مهدي‘،
ڪٿي مَئي پيون ٿا مدون- پل پل آهيون (انهيءَ) پور ۾.

## ڪافي ٣۴

شاهه نور ڏٺم نروارا- سٽيم سانگ سري دا سارا-

پتلا بنائي خاڪي- اِتان آڻ تياهي اوطاقي-
چشمان دا چمڪارا-

رنگ محل دي رائي- پرين پنهن جو پاڻ پسائي-
اهي آهن عشق جا آرا-

’مهدي‘ مهدار امام مڪائون- ٻئي جو اِهڙو شان نہ ڪيائون،
آيا تي اظهارا-

## ڪافي ٣٥

صورت سر ڪي سَؤ سَؤ سجدو-
ڪهڙو اسان جو ڪعبي ڪم.

صورت صاف سجاتم سهڻي- ميم ملي آ مورت مهڻي،
درسن آهي دائم دم.
تن طواف ڪرن ٿا طالب- وحدت ورد وجودي واجب،
اور اندر ۾ الف اسم.
ڪعبو قدسي آهي اندر ۾- سهي سجاتم ثابت سر ۾،
عشق الاهي آهي عُظم.
عشق امام ’مهدي‘ تي آيو- جنهن هُو هُو جو هوڪو هُلُ هلايو،
غازِن ڪي وري ڪهڙو غم.

## ڪافي ٣٦

طلب طمع ڪي طالب ترڪن، وحدت واري واه سان،
ويساه سان.

ٻوڙي ٻائڙ ٻيائي ٻاري- لاحد واري لاه سان- ويساه سان-

ڪربل ڪوڪ ڪنائي قائم- قرب قتل واري ڪاه سان- ويساه سان-

هڪدم حال حلاج هلائي- رهبر واري راه سان- ويساه سان-

پيوند پيچ پريت جو پائي- 'مهدي' مورت ماه سان- ويساه سان-

## ڪافي ٣٧

عاشق ٿي تہ اسير، آيو عشق امير-
پڙهي فرض فنا جو، فالم ٿي تہ فقير-

عشق آھ عالم، سبق ڏئي سالم-
منجھئون منجھ معلم، آهي پاڻ اڪسير.

عشق آهي امُل، جنهنجو ناهي ڪو مُلهہ-
سِر جو سودو سَلِ، ثابت ٿي سير.

عشق جنهن سِر آئي، رنگ تنهن سر لائي-
نالو ذات چاهي، سيد هجي توڙي پِير.

’مهدي‘ محمد هڪ، لاهي ڇڏيائين شڪ-
ڏئي دئي کي ڌڪ، پياري شرابون شير.

## ڪافي ٣٨

عاشقن اثبات ڪيو آهي، امانت ڪنهن ڪنهن،
ثابت صورت سير جي آهي، سلامت ڪنهن ڪنهن.

زاهد زماني ۾ ٿيا قيدي ڪروڙين ڪيترا،
هن حقيقت حال جي آهي، هدايت ڪنهن ڪنهن.

سير ساري ڪي ڪندا، صادق سراسر ڪي سهي،
انحدي اقرار جي آهي، عنايت ڪنهن ڪنهن.

الله ڪي اثبات ڪيو، اصل ڪان عاشقن،
وحدتي ويساه جي آهي، ولايت ڪنهن ڪنهن

نُور ڪي نروار ڪيو، نانگن نظاري نام سان،
’مهدي‘ مهدار جي آهي، ملاوت ڪنهن ڪنهن.

## ڪافي ٣٩

عشق آندو آهي اُتي- اصل واري آشيان تي.

عشق آشيان ڏيکاريو اصلي- واه ويراڳ وٺيو آ وصلي،
پنهن جو پاڻ ۾ پتي-

عشق جي منزل عاشق چاڙن- سر سهائي سير سڃاڻن،
راض رهيو جي رتي-

مَئي محبت موج مچائي- وحدت ڪثرت ڪل وڃائي،
’مهدي‘ ميلي متي.

## ڪافي ۴٠

فنا بقا جو سير ڪيوسي- لاشڪ تي لاثاني گوهرُ گياني-

اصلي ذات الاهي آهين- اولو ٿئي انساني-

چوڏهن طبق تماشو تنهن جو- تون آ شاهه شاهاني-

ستين عرش عظيم کان اڳتي- عاشق ٿيو آشياني-

مظهر ۾ تي آيس ’مهدي‘- صوفي صاف سيلاني-

## ڪافي ۴۱

گھِرو ويس گلابي غازن- پرت منجهارون پهريو آ-

اَمر اڏيءَ تي آيا امالڪ- صوفن ڳايو سِهرو آ-

مَردن پنهن جو حق سڃاتو- چشمن سان ٽيو چِهرو آ-

مَردن ميدان ملهايو ’مهدي‘- نينهن نباهيو نِهرو آ-

## ڪافي ۴۲

گهورِي وڃان مان گهوري- آءُ پيارل اوري-

ويهان ڪيئن ويڙهن ۾- تَرِ چڙهيس تنهنجي توري-

ڪائڻ ڏيان خوشيءَ مان- ماس هڏن جو ڪوري-

’مهدي‘ ماڳ مارن جو- الله ڪندو شل اوري-

## ڪافي ٤٣

لا تي لاحَد لِڪُ لڪايم- عشق ڪري اظهاري- حق حقداري-

حد لاحَد جو مالڪ آهيان- سورهه سِرُ سرواري، خيال خماري-

جزب منجهارون جامون پاتم- جيڏن ۾ جنساري، حال هزاري-

ڪربل ڪاهي قدم ڪڏائي- آيس تي اختياري، قول قراري-

نيهي ناتو نينهن نباهي- ’مهديءَ‘ جي مهداري، مئي مختياري-

## ڪافي ۴۴

مسافر هِن ماڳ تون ۽ پَلي ويا پنهن جو پاڻ.

وڃي وسايون ويراڳ ڪي– وَصل وارو وٿاڻ–

ساري نہ نيائون سات سان– ڇڏي ويا چاڪاڻ–

راتيون ڏينهان روح ۾– روئڻ ڏئي ويا رهاڻ–

’مهدي‘ مون مِسڪين سان– سدا سيد ساڻ.

## ڪافي ۴۵

مرڻ جيئڻ وس منهنجي- قضا ڪي ڪهڙي قدرت-
وسري وئي وحدت-

موتون تي ڏٺم موت ڪي- انت موتون آيت-

سر ڏنوسين سڪ مان- سامهون ڪري صورت-

پرجهي ڏٺم پاڻ ۾- آڏو نہ عبرت-

ظاهر ڪيڙم ذات ۾- ’مهديءَ‘ جي مورت-

## ڪافي ٤٦

محب مٺا مونسان ڪر نہ ماٺان- اڌ ج اندر ۾ اوطاق.

حجت هرگز ڪانہ هلي تي- مِهِرَ پوئي من ماڪَ.

جيئري جانب ڪر نہ جدائي- ماريو ٿا مشتاق.

ڪر ڪوهيارل ڳوپ ڳنڍڻ جو- وڪ نہ پوي هڪ واڪَ.

ساهہ سيلاني ساري 'مهدي'- پاڻ پسائج پاڪ.

# ڪافي ٤٧

ماندو مفت مران تو– موتج منھنجا يار–

سنڌن سور پرايو– واڪا ڪن ٿا وار–

ڏڻ ڏنارن ڇيڙيا – پرچن شال پنھنوار–

سنجهي سات سنبيريائون– اِھا پاڙيچن ھئي پچار–

’مھدي‘ مون مسڪين جي– سيد لَهُ تو سنيار–

## ڪافي ۴۸

مون تہ منهنجو قوتُ- طلب تہ ٻئي ڪنهن طعام جي ناهي.

مون ماري مات ڪئي سي- هڪل هڪ هاهوت.

مون مارئي مان هٿ چا آيئي- مليو ملڪ ملڪوت.

مون ماري ٿياسين ماهر- نظر رک ناسوت.

مظهر ۾ آهي ’مهدي‘ ماهر- لنگهي ويو لاهوت.

## ڪافي ۴۹

نينهن پڙهائي نماز- وَقت واجب ويا ڪل وسري.

پنجئي وقت پڙهياسي پورا، نابودي ۾ نياز-
گوڏا گسن تي پيا آهن گسري.

نظر نور نظاري نيهي، فرض نڪي فياض-
عشق الاهي آيو اُسري.

مام انهيءَ تي محڪم ماهر، السّتي آواز-
نسنگ نانگا ٿيا آهيون نسري.

موج 'مهديءَ' جي محڪم ماهر- صورت واري ساز-
يڪاياڪي آهيون ياوريُسري.

## ڪافي ٥٠

نام مولا جو ڪيمَ وسار- هر دم بندا رهه هوشيار-

صورت سهڻل جي رَڪُ تون سيني- قائم قرب قرار.

دم دم درسن ڪر ويٺو دم جو- اندر پنهنجو يار اُجار.

وڃ وهائج يار نه پيو ڪو- وحدت جو ڪر واپار.

آخر اميدون عشق پڄايون- 'مهديءَ' مرسل هٿ مهار.

## ڪافي ٥١

هر صورت ڏهون يارِ جدائي عشق ڪرائي آ.

ريهَ ڪجل جي رنگي رائي- گهتي گهتي تہ گهمائي آ.

لعل لبان تي لالي لاحد- سوريءَ سِرُ سنبائي آ.

پياس پيارل جي ڪيو آ پڌرو- ’مهدي‘ موج مچائي آ.

## ڪافي ٥٢

حجت حسن سان ناهي چڱي- هرڪو بيهي پري پڇي.

حجت حُسن سان جن ڪئي- تن وڃائي ويهي وهي،
انهيءَ ريجهه ۾ ويڙا رهي- تن ڪان سرت وئي ساري سڄي.

حجت جو جن هلاءُ ڪيو- اثبات تن نہ الله ڪيو،
تن ڪفر جو ڪُلاهُ ڪيو- سي لاف ۾ ٿيڙا لڄي.

عاشق انصاف آ- صورت سر ڪي طواف آ،
وٺي وحدت وارو واس آ- نہ تہ خان ويا ڪيئي ڪڇي.

’مهدي‘ منهن جو امام آ- سجدو جنهن ڪي سلام آ،
قائم اِهوئي ڪلام آ- ويا سي راض رهبر جي رچي.

## ڪافي ٥٣

عشق الاهيءَ ڪيو احسان- ڪونہ پڙهيوسين ڪلمو قرآن.

ساقيءَ سارو سُرُ سمجهايو- سجدو صورت سر سبحان.

لاالاهَ وارا لٿا لاڳاپا- الاالله واري آهيون ايوان.

مسجد مندر حق هيڪڙائي- لاهي ڇڏيائين شڪ گمان.

ذڪر فڪر جي ڪلڙي نہ ڪائي- ’مهدي‘ واري آهيون ميخان.

## ڪافي ۵۴

عشق وارن کي عشق ريءَ آرام ناهي-
قرب وارن کي قرب ريءَ ٻيو ڪام ناهي.

موهيا وتن مخمور ٿيا مستان مخفي-
طالبن کي طلب ريءَ ٻيو طعام ناهي.

نامورَ ناميان نفي نيزي نظر ٿيا-
نينهن وارن کي نينهن ريءَ ٻيو نام ناهي.

’مهدي‘ و مهدار مظهر مئي مندر ۾-
گُرَ سڄاڻن گفتگو ئي عام ناهي.

## ڪافي ٥٥

آيو عشق مولا ، لکين لائق پانيان،
سبب ڪهڙي سرتيون ، لوڪ کان لڪايان.

هتن ۾ هزارين ڳچيءَ ڳل مون ڳانا،
اِها چير سورن جي، پيرن مؤن نہ لاهيان.

مسرور ڪيو آ اوهان يار حبيبن،
اِهو ڏاج ڏکڙن ، بره بوند پانيان.

بيدل کي بچايو بره يار باري،
تنهنکي ڪيو مان ڪچ ۾، ويٺو وره وسايان.

---

( مذڪوره ڪلام فقيرپاڪ (مهدي مولا) جو آهي- ليڪن نالو بيدل فقير
جن جو آهي، جيڪو مالڪن پاڻ ڪلام ۾ رچايو آهي )

## ڪافي ٥٦

عشق الله ريءَ عمر اجائي ، ويهي وقت وڃائُئي،
هٿ ڇا آيئي.

نينهن نماز ڪان ٿيئڙين نابرُ،
پنهنجو پاڻ پڏائي، هٿ ڇا آيُئي-

فرض فنا ڪان ٿيئڙين فارغ،
ٻوڙيئي ڪين ٻيائي، هٿ ڇا آيُئي-

مئي مهتاب علي مستانو چوي،
سچو سخن سٹائُيئي، هٿ ڇا آيئي-

---

( هي مٿيون ڪلام فقير پاڪ مهدي مولا جن جو آهي،
پر نالو مهتاب علي جن جو آهِ جيڪو فقير مالڪن جو
طالب درويش هو، جيڪو ذات جو وڳڻ آهي )